SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XVII مجريہ 1975

SINDH ACT NO.XVII OF 1975

سنڌ منسوخ ۽ ترميم ڪرڻ جو ايڪٽ، 1975

THE SINDH REPEALING AND AMENDING ACT, 1975

فهرست (Contents)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and Commencement

2. ڪن قانونن جي منسوخي

Repeal of certain laws

3. ڪن ٻين قانونن جي ترميم

Amendment of certain other laws

پهريون شيڊول

First Schedule

منسوخ کیل ایکٹس ءِ آردیننسز

Acts and Ordinances repealed

ہیو شیڈول

Second Schedule

ترمیمون

Amendments

سنڌ ايڪٽ نمبر XVII مجريہ 1975

SINDH ACT NO.XVII OF 1975

سنڌ منسوخ ۽ ترميم ڪرڻ جو ايڪٽ، 1975

THE SINDH REPEALING AND AMENDING ACT, 1975

[25 آگسٽ 1975]

سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪجهہ قانونن کي منسوخ ۽ ترميم ڪرڻ لاءِ ايڪٽ

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اهو ضروري ٿي پيو آهي تہ سنڌ صوبي ۾ ڪجهہ قانون، جيڪي غير ضروري ٿي ويا آهن، يا هن وقت لاڳو ناهن، تہ انهن کي منسوخ ڪرڻ گهرجي؛

۽ جيئن تہ اهو بہ ضروري ٿي پيو آهي تہ ڪجهہ قانونن ۾ ڪجهہ ترميمون ٿيڻ گهرجن؛

جنهن کي هن ريت جوڙي لاڳو ڪيو پيو وڃي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and Commencement

1. هن ايڪٽ کي سنڌ منسوخ ۽ ترميم ڪرڻ جو ايڪٽ، 1975 سڏيو ويندو.

(2) اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

ڪن قانونن جي منسوخي

Repeal of certain

2. پهرين شيڊول ۾ ڄاڻايل قانونن کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

laws

ڪن ٻين قانونن جي ترميم

Amendment of certain other laws

3. اهي قانون جيڪي ٻئي شيڊول جي ٽئين ڪالم ۾ ڄاڻايل آهن، انهن کي انهيءَ حد تائين ۽ اهڙي نموني ترميم ڪيو ويندو جيئن چوٿين ڪالم ۾ ڄاڻايو ويو آهي.

پهرين جدول

First Schedule

منسوخ ڪيل ايڪٽس ۽ آرڊيننسز

Acts and Ordinances repealed

(ڏسو دفعو 2)

(See Section 2)

سال	نمبر	مضمون يا مختصر عنوان
1	2	3
		حصو I – وفاقي قانون ايڪٽ
1904	VIII	يونيورسٽيز ايڪٽ، 1904
1958	III	ڪراچي جي يونيورسٽي (ترميم) ايڪٽ، 1957
		آرڊيننسز
1958	I	بمبئي ڪوآپريٽو سوسائٽيز (ترميم) آرڊيننس، 1958
1962	XLVIII	ڪراچي مسواڙ تي پابندي (ترميم)

		آرڊيننس، 1962
1966	V	بنيادي جمهوريتن بابت حڪم نامو (ترميم) آرڊيننس، 1966
1966	VII	بنيادي جمهوريتن بابت حڪم نامو (ترميم) آرڊيننس، 1966
		حصو II – سنڌ قانون **بمبئي قانون ساز ڪائونسل جا ايڪٽس**
1932	II	سنڌ فنانس ايڪٽ، 1932
		سنڌ جي قانون ساز اداري جا ايڪٽس
1938	I	سنڌ فنانس (ترميم) ايڪٽ، 1938
1940	VII	سنڌ زميندارن جي ٻارن جي تعليم ايڪٽ، 1940
1947	XXIV	سنڌ ڪورٽس (سپليمينٽري) (ترميم) ايڪٽ، 1947
1950	II	سنڌ پناهگير (زميني دعوائن بابت داخلا) ايڪٽ، 1950
		سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جا ايڪٽس
1972	VII	ڪئنال ۽ ڊرينيج ايڪٽ، 1873 (روهڙي ۽ گهوٽڪي ڪئنال جي ايراضي ۾ واڌ) ايڪٽ، 1972
1972	VIII	اولهه پاڪستان موٽر گاڏيون (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1972
1972	IX	اولهه پاڪستان لينڊ رويينيو (سنڌ ترميم)

		ايڪٽ، 1972
1972	X	سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) ايڪٽ، 1972
1972	XII	سنڌ ڪرمنل لا (ترميم) (ڪيسن جي منتقلي جي توثيق) ايڪٽ، 1972
1972	XV	اولهه پاڪستان لينڊ روينيو (سنڌ ٻي ترميم) ايڪٽ، 1972
1972	XVI	اولهه پاڪستان ضروري شيون (ضابطو) (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1972
1972	XVII	سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ٻي ترميم) ايڪٽ، 1972
1972	XVIII	اولهه پاڪستان ٻڪريون (پابندي) (سنڌ تنسيخ) ايڪٽ، 1972
1972	XXIII	اولهه پاڪستان جوا کان بچاءُ (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1972
1972	XXVII	ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس (ترميم) ايڪٽ، 1972
1972	XXVIII	اولهه پاڪستان سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارا (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1972
1973	II	اولهه پاڪستان هاءِ ويز (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973
1973	III	اولهه پاڪستان لازمي خدمتون (مرمت) (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973

1973	V	اولهه پاڪستان ڪاڏ خوراڪ جون شيون (ضابطو) (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973
1973	VI	سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ (ترميم) ايڪٽ، 1973
1973	VII	ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973
1973	IX	اولهه پاڪستان شفاف ڪاڏو (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973
1973	XIII	اولهه پاڪستان ملازمن جو سماجي تحفظ (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973
1973	XVII	اولهه پاڪستان پيڙي جا پن (رکڻ ۽ استعمال تي پابندي) (سنڌ تنسيخ) ايڪٽ، 1973
1973	XVIII	آبڪاري قانون (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973
1973	XIX	سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس (ترميم) ايڪٽ، 1973
1973	XX	سنڌ جا ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس (ترميم) ايڪٽ، 1973
1974	I	اولهه پاڪستان ڪاڏ خوراڪ جون شيون (ضابطو) (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1974
1974	II	فني تعليم جو سنڌ بورڊ (ترميم) ايڪٽ، 1974

1974	III	اولهہ پاڪستان تاريخي مسجدون ۽ مقبرا فنڊ ڍل (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1974
1974	IV	اولهہ پاڪستانسرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارا (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1974
1974	V	سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ (ترميم) ايڪٽ، 1974
1974	VI	سنڌ ٽيننسي (ترميم) ايڪٽ، 1974
1974	VII	اولهہ پاڪستان جانورن جي ڪوس تي ضابطو (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1974
1974	VIII	سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس (ترميم) ايڪٽ، 1974
1974	IX	سنڌ سروس ٽربيونلس (ترميم) ايڪٽ، 1974
1974	X	سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس (ترميم) ايڪٽ، 1974
1974	XI	اولهہ پاڪستان تفريحن تي ڊيوٽي (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1974
1974	XII	شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس (پي ترميم) ايڪٽ، 1974
1974	XIII	سنڌ فنانس ايڪٽ، 1974
1974	XV	اولهہ پاڪستان تفريحن تي ڊيوٽي (سنڌ پي ترميم) ايڪٽ، 1974
1974	XVI	اولهہ پاڪستان لينڊ روينيو (سنڌ ترميم)

		ایکٹ, 1974
1974	XVIII	سنڌ چلڊرن (ترميم) ايڪٽ, 1974
1974	XIX	سنڌ ڪورٽ آف وارڊس (ترميم) ايڪٽ, 1974
1974	XX	اولهه پاڪستان موٽر گاڏيون (سنڌ ترميم) ايڪٽ, 1974
1974	XXI	سنڌ سروس ٽربيونلس (ٻي ترميم) ايڪٽ, 1974
1974	XXV	سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ترميم) ايڪٽ, 1974
1975	I	سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ (ترميم) ايڪٽ, 1975
1975	II	اولهه پاڪستان موٽر گاڏيون (سنڌ ترميم) ايڪٽ, 1975
1975	III	سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس (ترميم) ايڪٽ, 1975
1975	VI	اولهه پاڪستان ڪاٽن ڪنٽرول (سنڌ ترميم) ايڪٽ, 1975
1975	X	آبڪاري قانون (سنڌ ترميم) ايڪٽ, 1975
		سنڌ آرڊيننسز
1970	I	اولهه پاڪستان بورڊ آف روينيو (سنڌ ترميم) آرڊيننس, 1970

1970	II	اولهه پاڪستان غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1970
1970	IV	اولهه پاڪستان گهوڙن جي ڊوڙ تي شرط مٿان ٽيڪس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1970
1970	V	اولهه پاڪستان موٽر گاڏيون ٽيڪسيشن (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1970
1970	VI	اولهه پاڪستان سول سروسز (اپيليٽ ٽريبيونلز) (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1970
1970	VII	سنڌ اسپيشل ٽريبيونل (ترميم) آرڊيننس، 1970
1970	VIII	سنڌ آبڪاري ايڪٽ (ترميم) آرڊيننس، 1970
1970	IX	اولهه پاڪستان تماڪ وڪرو ايڪٽ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1970
1970	XI	سنڌ نشيدار شين جي واهپي تي پابندي جو ايڪٽ(سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1970
1970	XIII	سول ڪورٽس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1970
1970	XV	اولهه پاڪستان فنانس ايڪٽ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1970
1971	I	اولهه پاڪستان (ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي

		تعليمي بورڊ حيدرآباد) (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1971
1971	II	اولهه پاڪستان (ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعيلمي بورڊ ڪراچي) (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1971
1971	IV	اولهه پاڪستان شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1971
1971	IX	اولهه پاڪستان تاريخي مسجدون ۽ مقبرا فنڊ ڊل (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1971
1971	X	اولهه پاڪستان موٽر گاڏيون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1971
1971	XI	شگر فيڪٽريز ڪنٽرول ايڪٽ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1971
1971	XIII	اولهه پاڪستان سول ڪورٽس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1971
1971	XIV	اولهه پاڪستان قومي رضاڪار (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1971
1972	I	سنڌ اسپيشل ٽريبيونل (تنسيخ) آرڊيننس، 1972
1972	IV	اولهه پاڪستان موٽر گاڏيون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972
		حصو III – اولهه پاڪستان قانون

		ايڪٽس
1957	XVI	اولهه پاڪستان (قانون اپنائڻ ۽ تنسيخ) ايڪٽ، 1957
1958	XLI	جيل (اولهه پاڪستان ترميم) ايڪٽ، 1958
1963	XII	ميونسپل ايڊمنسٽريشن (اولهه پاڪستان ترميم) ايڪٽ، 1963
1964	XXVII	ڪلري ڏنڊ ترقياتي ڪم (تنسيخ) ايڪٽ، 1964
1964	XXIX	پاڪستان ميموريل سيس (اولهه پاڪستان) ايڪٽ، 1964
1965	II	ميونسپل ايڊمنسٽريشن (اولهه پاڪستان ترميم) ايڪٽ، 1965
1966	I	اولهه پاڪستان فنانس ايڪٽ، 1966
1967	IV	اولهه پاڪستان فنانس ايڪٽ، 1967
1967	V	بنيادي جمهوريتون (اولهه پاڪستان ترميم) ايڪٽ، 1967
1968	I	ڪئنال ڊرينيج (اولهه پاڪستان ترميم) ايڪٽ، 1968
1968	III	اولهه پاڪستان فنانس ايڪٽ، 1968
1968	VII	ڪئنال ۽ ڊرينيج (اولهه پاڪستان ٻي ترميم) ايڪٽ، 1968
		آرڊيننسز

1958	XXXIV	سينيماٽوگراف (اولهه پاڪستان ترميم) آرڊيننس، 1958
1960	VIII	اولهه پاڪستان اسپيشل ٽريبيونل آرڊيننس، 1960
1962	XXVI	سنڌ ايجوڪيشن ڊل (اولهه پاڪستان تنسيخ) آرڊيننس، 1962
1962	XL	اولهه پاڪستان يونيورسٽيز (ترميم) آرڊيننس، 1962
1963	XXXIV	ميونسپل ايڊمنسٽريشن (اولهه پاڪستان ترميم) آرڊيننس، 1963
1963	XXXV	بنيادي جمهوريتن جو حڪم نامو (اولهه پاڪستان ترميم) آرڊيننس، 1963
1964	X	اولهه پاڪستان گهوڙن جي ڊوڙ تي شرط مٿان ٽيڪس (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1964
1964	XXIV	ڪراچي روڊ ٽرانسپورٽ ڪارپوريشن (تنسيخ) آرڊيننس، 1964
1965	XXIII	ڪئنال ۽ ڊرينيج (اولهه پاڪستان ترميم) آرڊيننس، 1965
1965	XL	ڪم ڪندڙ صحافي (نوڪريءَ جا شرط) (اولهه پاڪستان ترميم) آرڊيننس، 1965
1967	III	بنيادي جمهوريتن جو حڪم نامو (اولهه پاڪستان ترميم) آرڊيننس، 1967
1967	VII	ڪم ڪندڙ صحافي (نوڪريءَ جا شرط)

		(اولھ پاڪستان ترميم) آرڊيننس، 1967
1969	XXI	ميونسپل ايڊمنسٽريشن (اولھ پاڪستان ترميم) آرڊيننس، 1969
1969	XXXVI	سرڪاري زمينن جي ڪالونائيزيشن (پنجاب) (اولھ پاڪستان ترميم) آرڊيننس، 1969
1970	I	ڪئنال ۽ ڊرينيج (اولھ پاڪستان ترميم) آرڊيننس،1970
1970	III	اولھ پاڪستان اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ(ترميم) آرڊيننس، 1970
1970	IV	ڪئنال ۽ ڊرينيج (اولھ پاڪستان ٻي ترميم) آرڊيننس، 1970
1970	VI	اولھ پاڪستان شهري مسواڙ پابندي (ترميم) آرڊيننس، 1970
1970	IX	اولھ پاڪستان موٽر گاڏيون (ترميم) آرڊيننس، 1970
1970	X	اولھ پاڪستان لينڊ رونيو (ترميم) آرڊيننس، 1970
1970	XII	زرعي پيداوار مارڪيٽس (اولھ پاڪستان ترميم) آرڊيننس، 1970
1970	XVI	اولھ پاڪستان موٽر گاڏيون (ترميم) آرڊيننس، 1970
1970	XVII	اولھ پاڪستان منسوخي آرڊيننس، 1970

1970	XXII	اولهه پاڪستان (سنڌ) فنانس آرڊيننس، 1970
1970	XXV	اولهه پاڪستان موٽر گاڏيون (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1970
1970	XXVI	اولهه پاڪستان زميني سڌارا زميني سڌارن جو ضابطو قانون (ترميم) آرڊيننس، 1970
		حصو IV – خيرپور قانون
1899	I	ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر ترميم
1901	III	جانورن کي ظلم کان بچائڻ جو خيرپور ايڪٽ، 1901
1934	I	خيرپور مسلمان آبادگارن جي بچاءَ جو ايڪٽ، 1934
1940	I	پوليس (ترميم) ايڪٽ، 1940
1947	I	شادي شده عورتن جي واپسي ۽ بچاءَ جو ايڪٽ، 1947
1950	XII	خيرپور فنانس ايڪٽ، 1950
1953	VII	خيرپور پناهگير ٽيڪس ايڪٽ، 1953
1953	VIII	ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر (خيرپور ترميم) ايڪٽ، 1953
1953	IX	پاڪستان پينل ڪوڊ (خيرپور ترميم) ايڪٽ، 1953
1953	XI	خيرپور پناهگير (زمين جي دعوائن بابت داخلا) ايڪٽ، 1953

1954	VI	خيرپور لائيو اسٽاڪ ڪنٽرول ايڪٽ، 1954

ٻي جدول
Second Schedule

ترميمون
Amendments

(ڏسو دفعہ 3)

[See Section 3]

سال	نمبر	مضمون يا مختصر عنوان	ترميمون
1	2	3	4
		حصو I – وفاقي قانون	
1876	X	سنڌ روينيو جورسڊڪشن ايڪٽ، 1876	ڊگهي عنوان ۽ تمهيد ۾ لفظن "سنڌ ۽ ڪراچي ڊويزن" کي لفظ "سنڌ" سان متبادل بڻايو ويندو. (i) لفظن "ماتحت جج" کي لفظن "سول جج" سان متبادل بڻايو ويندو.

1879	XVII	سنڌ آبادگار رليف ايڪٽ، 1879	باب II کي هيڊنگ ۾ لفظن "ماتحت" لاءِ لفظ "سول ججز" دفعہ 3، 4، 6، 24، 25، 51، 69 ۽ 74 ۾ لفظن " ماتحت جج" لاءِ لفظ "سول جج" دفيعہ 5 ۾ لفظن "سنڌ ڪورٽس ايڪٽ، 1926، دفعہ 35 ڪو بہ ماتحت جج نہ" لاءِ لفظ "سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 جو دفعہ 11، ڪو بہ سول جج نہ". دفعہ 6 ۾ لفظن "1965 جي ايڪٽ XI جو دفعہ 12 (سمال ڪازز ڪورٽس

			سان لاڳاپيل قانون ڪي تبديل ۽ منظم ڪرڻ جيڪي هاءِ ڪورٽن جي عدالتي دائري وارين عام رواجي سول عدالتي ڪارروائي جي حدن کان ٻاهر آهن)" ڪي لفظن "پراونشل سمال ڪازز ڪورٽس ايڪٽ، 1887 جو دفعہ 16" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 29 ۾، لفظن "سنڌ لينڊ رينيو ڪوڊ، 1879، دفعہ 150، شقون (b)، (d) ۽ (e)" ڪي لفظن "سنڌ لينڊ رينيو ايڪٽ، 1967 جي دفعہ 80

			جون شقون (b) ۽ (h)" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 44 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظن "هيٺين گريڊ جو ماتحت جج" لاءِ لفظ "سول جج" متبادل بڻايا ويندا. دفعہ 5 ۾ لفظن "ماتحت ججز" کي لفظن "سول ججز" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 52 ۾: (i)لفظن "اسسٽنٽ يا ماتحت جج" يک لفظن "ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج يا سينئر سول جج" سان متبادل بڻايو ويندو.

			(ii) لفظن "ماتحت جج" کي لفظن "سول جج" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 53 ۾: (i) لفظن "ماتحت جج" کي لفظن "سول جج" سان متبادل بڻايو ويندو. (ii) لفظن "اسسٽنٽ يا ماتحت جج" کي لفظن "ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج يا سينئر سول جج" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 54 ۾: (i) لفظن "ماتحت ججز" کي لفظن "سول ججز" سان متبادل بڻايو ويندو. (ii) لفظن

			"اسسٽنٽ يا ماتحت جج" کي لفظن "ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج يا سينئر سول جج" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعات 56 ۽ 63 ۾ لفظن "انڊين رجسٽريشن ايڪٽ، 1877 جو دفعہ 17" کي لفظن "رجسٽريشن ايڪٽ، 1908" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 63_A ۾: (i) لفظن "انڊين رجسٽريشن ايڪٽ، 1877" کي لفظن "رجسٽريشن ايڪٽ، 1908"

			سان متبادل بڻايو ويندو. (ii)ذيلي دفعہ (2) کي ختم ڪيو ويندو. دفعہ 74_A ۾ لفظن "ڪو آپريٽو ڪريڊٽ سوسائٽيز ايڪٽ، 1904" کي لفظن "سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1925" سان متبادل بڻايو ويندو.
1894	IX	جيل ايڪٽ، 1894	دفعہ 11 جي ذيلي دفعہ (2) ۽ دفعہ 14 ۾ لفظن "ڊائريڪٽر آف پرزنس ذريعي انسپيڪٽر جنرل ڏانهن" کي لفظن "جيلن جي ڊائريڪٽر ڏانهن"

			سان متبادل بڻايو ويندو.
1896	XX	سنڌ انڪمبرڊ اسٽيٽس ايڪٽ، 1896	دفعہ 10 ۾، لفظن "سنڌ لينڊ روينيو ڪوڊ، 1879 جي دفعہ 176 تحت مليل اختيارن سميت" کي ختم ڪيو ويندو. دفعہ 12 ۾، لفظن "انگريزي ۽ سنڌي" کي لفظن "اردو ۽ سنڌي" سان متبادل بڻايو ويندو.
		حصو II – سنڌ قانون بمبئي جي گورنر ان ڪائونسل جا ايڪٽس	
1868	II	سنڌ فيريز ايڪٽ، 1868	دفعہ 15 ۾، لفظن "ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ جو

			دفعہ 61" کي لفظن "ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 جا دفعات 386، 387 ۽ 389" سان متبادل بڻايو ويندو.
1874	II	سول جيلز ايڪٽ، 1878	دفعہ 9 ۾، لفظن "سنڌ ڪورٽس ايڪٽ، 1926 جو دفعہ 21" کي لفظن "سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 جو دفعہ 4" سان متبادل بڻايو ويندو.
1878	V	سنڌ آبڪاري ايڪٽ، 1878	دفعہ 9، 10 ۽ 19 ۾، لفظن "ساموندي ڪسٽمس ايڪٽ، 1878" کي لفظن "ڪسٽمس ايڪٽ، 1969" سان متبادل بڻايو

			ويندو. دفعہ 32 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (c) ۾ لفظن "سامونڊي ڪسٽمس ايڪٽ، 1878 جي دفعہ 167 جي شيڊول جو نمبر 8" کي لفظن "ڪسٽمس ايڪٽ، 1969 جي دفعہ 156 هيٺان ٽيبل جو نمبر 9" کي متبادل بڻايو ويندو.
1879	VII	سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879	دفعہ 7 جي شق (b) ۾ لفظن "زمين جي طلبي ايڪٽ، 1870" کي لفظن "زمين جي طلبي ايڪٽ، 1894" سان متبادل بڻايو ويندو.

			دفعہ 19 ۾ لفظن "زمين جي طلبي ايڪٽ، 1870" کي لفظن "زمين جي طلبي ايڪٽ، 1894" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 39 ۾: (i) لفظن "زمين جي طلبي ايڪٽ، 1870 جا دفعہ 11، 12، 14، 15، 18 کان 23 (سمورا)، 26 کان 40 (سمورا)، 51 ۽ 58" کي لفظن "زمين جي طلبي ايڪٽ، 1894 جا دفعات 11، 12، 13، 14، 15، 16، 18 کان 23 (سمورا)، 25 کان 31 (سمورا)، 45 ۽ 52" سان

			متبادل بڻايو ويندو. (ii) پرووِيزو ۾ لفظن "ڇاڻايل دفعہ 26" کي لفظن "ڇاڻايل دفعہ 25" سان متبادل بڻايو ويندو.
1883	V	سنڌ پبلڪ اٿارٽيز سيلز ايڪٽ، 1883	دفعہ 3 جي شق (1) ۾ لفظن "۽ گڏيل" کي ختم ڪيو ويندو.
1905	I	سنڌ ڪورٽ آف وارڊس ايڪٽ، 1905	دفعہ 2 ۾ شق (c) لاءِ هيٺين تبديلي ڪئي ويندي: "(C) 'ضلعي عدالت' ۾ شامل هوندي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج جي عدالت ۽ سول جج جي عدالت، جيڪي مخصوص وقت لاءِ ضلعي جج جا اختيار استعمال

			ڪنديون”. دفعہ 5 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (e) ختم ڪئي ويندي.
1906	II	مختيارڪارس ڪورٽس ايڪٽ، 1906	دفعہ 24 ۾ لفظن “چيف ڪورٽ آف سنڌ” کي لفظن “هاءِ ڪورٽ” سان متبادل بڻايو ويندو.
1912	VII	سنڌ دونهي جي آلودگي ايڪٽ، 1912	دفعہ 11 جي ذيلي دفعہ (3) ۾ لفظن “سنڌ جنرل ڪلاسز ايڪٽ، 1947 جي دفعہ 23 جو ذيلي دفعہ (3)” کي لفظن “سنڌ جنرل ڪلاسز ايڪٽ، 1956 جي دفعہ 22 جو ذيلي دفعہ (3)” سان متبادل بڻايو ويندو.
1915	I	سنڌ ٽائون پلاننگ	دفعہ 2 ۾ شق (a)

		ايڪٽ، 1915	ڪي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: “(a) ‘مقامي اختياري’ مطلب پيپلز ميونسپلٽي يا پيپلز ٽائون ڪميٽي؛”. دفعہ 3 جي شق (j) جي پرووِيزو ۾ لفظن “مرڪزي قانون ساز اداري جو ڪو ايڪٽ يا آئين جي ٽئين شيڊول ۾ ڄاڻايل مامرن سان لاڳاپيل ڪو قانون” ڪي لفظن “پارليامينٽ جو ڪو ايڪٽ يا آئين جي چوٿين شيڊول جي وفاقي قانون ساز فهرست ۾ ڄاڻايل مامرن سان لاڳاپيل ڪو

			قانون” سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 7 ختم ڪيو ويندو. دفعہ 9 جي ذيلي دفعہ (1) لاءِ لفظن “سرڪاري طور تي چاڻايل” کي لفظن “ٽائون ڪاميٽي” سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 51_A کي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: “51_A. جتي بہ ڪا ميونسپلٽي سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 جي دفعہ 54 هيٺ مٽائي وئي آهي”. (جنهن ميونسپلٽي کي مٽايو پيو وڃي،

			ان لاءِ اسپيشل پرووِيزن ڪيس جي حيثيت رڪندو (a)ڪو بہ ماڻهو يا ماڻهون هن دفعہ هيٺ مقرر ڪيو/ڪيا ويندا، تہ اهو سمجهبو تہ انهن کي هن ايڪٽ جي دفعہ (2_A) هيٺ ميونسپلٽي يا ٽائون ڪميٽي مقرر ڪيو آهي ۽ اهي جيڪي ڊيوٽي ڏين ٿا اهي انهيءَ ميونسپلٽي جي متجڻ تائين هڪ مقامي اختياري جا سمورا اختيار استعمال ۾ آڻي سگهي ٿو/سگهن ٿا؛

			(b) ان صورت ۾ تہ ڪو ماڻهو يا ڪي ماڻهون جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، مقامي اختياريءَ جون خدمتون سرانجام ڏيڻ لاءِ هن ايڪٽ هيٺ پنهنجا اختيار ڪم آڻيندا ٿا، ۽ اها ملڪيت جيڪا هن ايڪٽ جي روشني ۾ مقامي اختياري جي آهي، سا ميونسپلٽي يا ٽائون ڪميٽي جي مهمليءَ واري عرصي دوران صوبائي حڪومت جي حوالي هوندا ۽ جڏهن مهمليءَ وارو وقت پورو ٿي

			ويندو ته اهي ميونسپلٽي يا ٽائون ڪميٽيءَ جي حوالي ٿيندي، جنهن لاءِ صوبائي حڪومت پڌرنامو ڪڍندي.
		بمبئي قانون ساز ڪائونسل جا ايڪٽس	
1925	VII	سنڌ ڪو آپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1925	دفعہ 17_A جي شق (vii) ۾، لفظن "سنڌ لينڊ رونيو ڪوڊ، 1979 جو باب XA، يا انهيءَ ايراضيءَ ۾ رائج لينڊ رونيو سان لاڳاپيل ڪنهن ٻئي قانون جي لاڳاپيل گنائشون ڄاڻايل باب ۾ جيڪو به شامل هجي" کي لفظن

			“سنڌ لينڊ رونيو ايڪٽ، 1967، جاڻايل باب ۾ جيڪو ڪجهه شامل هجي” سان متبادل بڻايو ويندو. دفعه 50 جي ٻي پرووِيزو ۾، لفظن “سنڌ لينڊ رونيو ڪوڊ، 1879 جي دفعات 137 ۽ 138 جون گنجائشون، يا علائقي ۾ لاڳو لينڊ رونيو ايڪٽ سان لاڳاپيل ڪو ٻيو قانون” کي لفظن “سنڌ لينڊ رونيو ايڪٽ، 1967 جون گنجائشون” سان متبادل بڻايو ويندو. دفعه 59 جي ذيلي

			دفعہ (2) ۾ لفظن "سنڌ لينڊ رونيو ڪوڊ، 1879، يا علائقي ۾ لاڳو لينڊ رونيو سان لاڳاپيل ڪو قانون" کي لفظن "سنڌ لينڊ رونيو ايڪٽ، 1967" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 59_B جي شق (c) ۾ لفظن "سنڌ لينڊ رونيو ڪوڊ، 1879، يا علائقي ۾ لاڳو لينڊ رونيو سان لاڳاپيل ڪو ٻيو قانون" کي لفظن "سنڌ لينڊ رونيو ايڪٽ، 1967" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 59_U ۾ لفظن "سنڌ لينڊ

			روينيو ڪوڊ، 1879 جو باب XI، يا علائقي ۾ لاڳو لينڊ روينيو سان لاڳاپيل ڪنهن ٻئي قانون جون لاڳاپيل گنجائشون" کي لفظن "سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 جو باب VII" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 72 ختم ڪيو ويندو.
1933	XXII	سنڌ لائيو اسٽاڪ امپروومينٽ ايڪٽ، 1933	دفعہ 3 جي، شق (7) کي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: "(7) 'ڳوٺ' ۾ شامل آهي ٽائون يا شهر ۽ ڳوٺ، ٽائون، يا شهر سان لاڳاپيل سموريون

			زمينون.”.
		سنڌ قانون ساز اداري جا ايڪٽس	
1940	IV	سنڌ نشيدار شين جي واهپي کان منع بابت ايڪٽ، 1940	دفعہ 1 جي، ذيلي دفعہ (2) کي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: “(2) ان جي سڄي صوبي سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي.”
1947	XLIX	سنڌ رورل ڪريڊٽ ايندڙ ليندڙ ٽرانسفر ايڪٽ، 1947	دفعہ 2 جي شق (1) ۾، (i)لفظن “سنڌ ليندڙ روينيو ڪوڊ، 1879 (جنهن کي بعد ۾ ڄاڻايل ڪوڊ سڏيو ويندو)” کي لفظن “سنڌ ليندڙ روينيو ايڪٽ، 1979 (جنهن کي بعد ۾ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو

			ويندو)" سان متبادل بڻايو ويندو. (ii) لفظن "اهو ڪوڊ" کي لفظن "اهو ايڪٽ" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 21 ۾، (i)ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن "ڪوڊ جو دفعہ 135_E" کي لفظن "سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 جو دفعہ 47" سان متبادل بڻايو ويندو. (ii)ذيلي دفعہ (3) ۾، لفظن "ڪوڊ جو باب X_A" کي لفظن "سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 جو باب VI" سان متبادل بڻايو ويندو.

			دفعہ 22 ۾ لفظن "ڪوڊ جو باب XII ۽ XIII" کي لفظن "سنڌ لينڊ رينيو ايڪٽ، 1967 جو باب IV ۽ XIII" سان متبادل بڻايو ويندو.
1950	XV	سنڌ بالغن جي تعليم ايڪٽ، 1950	دفعہ 2 ۾، (i)شق (a) کي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: "(a) 'آرڊيننس' مطلب سنڌ پرائمري تعليم آرڊيننس، 1962؛"؛ (ii)شق (b) ۾، لفظن "پر ٻار شامل نہ هجڻ گهرجي، جيئن سنڌ زميندارس چلڊرن ايجوڪيشن

			ايڪٽ، 1940 جي دفعہ 2 جي شق (1) ۾ ڄاڻايو ويو آهي" کي ختم ڪيو ويندو. (iii)شق (c) ۾، لفظن "ايڪٽ جي دفعہ 5 تحت صوبائي حڪومت طرفان مقرر ڪيل ايڊوائيزري ڪميٽي" کي لفظن "آرڊيننس تحت جوڙيل ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن ڪميٽي" کي متبادل بڻايو ويندو. (iv) شق (d) کانپوءِ هيٺين شق (dd) شامل ڪئي ويندي: "(dd) لاڳاپيل

			‘ڊائريڪٽر’ مطلب تعليم سان لاڳاپيل اسڪول جو ڊائريڪٽر؛”؛ (v) شق (h) کي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: “(h) ‘صوبائي بورڊ’ مطلب آرڊيننس تحت جوڙيل صوبائي پرائمري ايجوڪيشن ڪميٽي”؛ (vi) شق (j) ۾ لفظ “ايڪٽ” کي لفظ “آرڊيننس” سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 8 ۾ لفظ “ايڪٽ” کي لفظ “آرڊيننس” سان متبادل بڻايو ويندو.
1955	XVI	سنڌ ثقافتي ترقياتي بورڊ	دفعہ 13 جي شق (vi) ۾ لفظن “سنڌ

		ايڪٽ، 1955	ڊسٽرڪٽ ميونسپل ايڪٽ، 1901" کي لفظن "سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 17 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (iii) ۾، لفظن "ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ" کي لفظن "پيپلز ڊسٽرڪٽ ڪائونسل" سان متبادل بڻايو ويندو. شيڊول ۾: (i) لفظن "ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊس" کي لفظن "پيپلز ڊسٽرڪٽ

			ڪائونسلز” سان متبادل بڻايو ويندو. (ii) لفظن “بورو ميونسپلٽيز” کي لفظن “پيپلز ميونسپلٽيز” سان متبادل بڻايو ويندو.
		سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جا ايڪٽس	
1972	I	سنڌ فنانس ايڪٽ، 1972	پهرين ٻئي ۽ ٽئين شيڊول جي دفعات 3، 4 ۽ 5 ختم ڪيا ويندا.
1972	XIV	سنڌ (سنڌ ٻولي پڙهائڻ، ترقي ۽ استعمال) (لاڳو) ايڪٽ، 1972	دفعہ 4 ختم ڪيو ويندو.
1972	XIX	جهنگ (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1972	دفعہ 6 ختم ڪيو ويندو.
1972	XX	مارشل لا ريگيوليشن نمبر	دفعہ 5 ختم ڪيو ويندو.

		118 (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1972	
1972	XXI	زميني سڌارا ريگيوليشن (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1972	دفعہ 11 ختم ڪيو ويندو.
1972	XXIV	سنڌ يونيورسٽي ايڪٽ، 1972	دفعہ 51 ختم ڪيو ويندو.
1972	XXV	ڪراچي يونيورسٽي ايڪٽ، 1972	دفعہ 51 ختم ڪيو ويندو.
1972	XXVI	سنڌ سمال انڊسٽريز اينڊ هينڊي ڪرافٽس ڊولپمينٽ ڪارپوريشن ايڪٽ، 1972	دفعہ 38 کي ختم ڪيو ويندو.
1973	IV	سنڌ لينڊ روينيو (ترميم) ايڪٽ، 1973	دفعہ 2 هيٺان وضاحت ۾ لفظ "آرڊيننس" کي لفظ "ايڪٽ" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 3 کي ختم

			ڪيو ويندو.
1973	VIII	سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ ريڪوري آف ڊيوز ايڪٽ، 1973	دفعہ 5 کي ختم ڪيو ويندو.
1973	X	سنڌ ايگريڪلچرل سپلائيز آرگنائيزيشن ايڪٽ، 1973	دفعہ 26 کي ختم ڪيو ويندو.
1973	XIV	سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ، 1973	دفعہ 22 ۾ پهريون ۽ ٽيون پيرو ايندڙ لفظن "اولهه پاڪستان" کي لفظ "سنڌ" سان متبادل بڻايو ويندو. باب V کي ختم ڪيو ويندو.
1973	XV	سنڌ سروس ٽريبيونل ايڪٽ، 1973	دفعات 9 ۽ 10 کي ختم ڪيو ويندو.
1973	XVI	سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1973	دفعہ 7 کي ختم ڪيو ويندو.

1974	XXII	سنڌ زرعي مقصدن لاءِ قرض ايڪٽ، 1974	دفعہ 2 جي ذيلي دفعہ (2) ۾: (i) لفظن "ڪوآپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1925" کي لفظن "سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1925" سان متبادل بڻايو ويندو. (ii) پهريون پيرو ايندڙ لفظن "اولهہ پاڪستان" کي لفظ "سنڌ" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 7 ۾، لفظن "ڪوآپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1925" کي لفظن "سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1925" سان متبادل بڻايو ويندو.

			دفعہ 10 کي ختم ڪيو ويندو.
1974	XXVI	سنڌ اسيمبلي ميمبرز (پگهارون ۽ الائونس) ايڪٽ، 1974	دفعہ 8 کي ختم ڪيو ويندو.
1974	XXVII	سنڌ (قانونن جي ترميم) ايڪٽ، 1974	دفعات 2، 5 ۽ 6 ۽ شيڊول ختم ڪيا ويندا.
1974	XXIX	سنڌ ٽيڪس کان نٿائڻ (سزا) ايڪٽ، 1974	شيڊول جي داخلائن 1، 3، 4، 5، 6 ۽ 7 ۾، پهريون پيرو ايندڙ لفظن "اولهہ پاڪستان" کي لفظ "سنڌ" سان متبادل بڻايو ويندو.
1975	IV	سنڌ ڏوهن تي ضابطو ايڪٽ، 1975	دفعہ 14 جي شق (iii) ۾، لفظن "اولهہ پاڪستان" کي لفظ "سنڌ" سان متبادل بڻايو ويندو.
1975	V	سنڌ پبلڪ پراپرٽي (حددخليون هٽائڻ)	دفعہ 18 کي ختم ڪيو ويندو.

		ايڪٽ، 1975	
1975	VII	سنڌ اسپيڪرس ۽ ڊپٽي اسپيڪرس (پگهارون، الائونسز ۽ مراعات) ايڪٽ، 1975	دفعہ 15 ختم ڪيو ويندو.
1975	VIII	سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعات) ايڪٽ، 1975	دفعہ 20 کي ختم ڪيو ويندو.
		سنڌ آرڊيننسز	
1970	X	سنڌ نجي ڪاليج (انتظام ۽ ضابطو) آرڊيننس، 1970	دفعہ 23 کي ختم ڪيو ويندو.
1970	XVI	سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن آرڊيننس، 1970	دفعہ 30 کي ختم ڪيو ويندو.
1971	VII	سنڌ فنانس آرڊيننس، 1971	دفعہ 1 جي ذيلي دفعہ (3) ۾ لفظن "جيئن صوبي اولهہ پاڪستان جي (ٽوڙڻ وارو) آرڊر

			1970 طرفان جوڙيو ويو آهي" کي ختم ڪيو ويندو.
1972	V	سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972	دفعہ 43 کي ختم ڪيو ويندو.
1972	VI	سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس آرڊيننس، 1972	دفعہ 30 کي ختم ڪيو ويندو.
		حصو III – اولهہ پاڪستان قانون ايڪٽس	
1956	V	پوليس (ترميم) ايڪٽ، 1956	دفعہ 1 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظن "اولهہ پاڪستان، سواءِ فيڊريشن جي گاديءَ جي هنڌ ۽ مخصوص علائقن جي" کي لفظن "سنڌ" سان متبادل بڻايو ويندو.

1956	VI	سنڌ جنرل ڪلاسن ايڪٽ، 1956	دفعہ 2 ۾: (i)شقن (7)، (13) ۽ (15) کي ختم ڪيو ويندو. (ii)شق (35) ۾ لفظن "ڊسٽرڪٽ بورڊ" کي لفظن " پيپلز ٽائون ڪميٽي ۽ پيپلز ڊسٽرڪٽ ڪائونسل" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 29 کي ختم ڪيو ويندو.
1956	VII	سنڌ غير متحرڪ زمين جي طلبي (عارضي اختيار) ايڪٽ، 1956	دفعہ 14 کي ختم ڪيو ويندو.
1958	IV	سنڌ گهوڙن جي ڊوڙ تي شرط مٿان ٽيڪس ايڪٽ، 1958	دفعہ 12 کي ختم ڪيو ويندو.
1958	V	سنڌ شهري غير	دفعہ 2 جي شق (i)

		متحرڪ ملڪيت تي ٽيڪس ايڪٽ، 1958	۾: (a)لفظ "ننڍو" کي ختم ڪيو ويندو. (b) لفظن "ڊسٽرڪٽ بورڊ" کي لفظن "ڊسٽرڪٽ ڪائونسل" سان متبادل بڻايو ويندو.
1958	X	سنڌ تفريحن تي ڊيوٽي ايڪٽ، 1958	دفعہ 16 کي ختم ڪيو ويندو.
1958	XVI	سينيماٽوگراف (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1958	دفعہ 7 کي ختم ڪيو ويندو.
1958	XVII	سنڌ آبادگارن جا قرض ايڪٽ، 1958	دفعہ 5 کي ختم ڪيو ويندو.
1958	XX	سنڌ ڪاڻ خوراڪ جون شيون (ضابطو) ايڪٽ، 1958	دفعہ 14 کي ختم ڪيو ويندو.
1958	XXX	سنڌ طلب ڪيل زمينون (جاري	دفعہ 10 کي ختم ڪيو ويندو.

		ايڪٽ، 1958	
1958	XXXII	سنڌ موٽر گاڏيون ٽيڪسيشن ايڪٽ، 1958	دفعہ 17 کي ختم ڪيو ويندو.
1958	XXXIII	سنڌ قومي حادثا (بچاءُ ۽ مدد) ايڪٽ، 1958	دفعہ 12 کي ختم ڪيو ويندو.
1958	XXXIV	سنڌ ضروري خدمتون (مرمت) ايڪٽ، 1958	دفعہ 10 کي ختم ڪيو ويندو.
1958	XXXVIII	سنڌ تماڪ جو وڪرو ايڪٽ، 1958	دفعہ 13 کي ختم ڪيو ويندو.
1958	XL	سنڌ ضروري شيون (ضابطو) ايڪٽ، 1958	دفعہ 13 کي ختم ڪيو ويندو.
1958	XLV	سنڌ ڪاتي طرفان جاچ (اختيار) ايڪٽ، 1958	دفعہ 4 کي ختم ڪيو ويندو.
1962	I	سنڌ فنانس ايڪٽ، 1962	دفعہ 1 جو ذيلي دفعہ (3)، دفعہ 2 جون شقون (a) ۽ (c)، دفعات 3، 5، 6،

			7، 9، 10، 11، 12، 13، 14، 15، 16، 17، 18، 19، 20، 21 ۽ پهريون، ٻيون، ٽيون، چوٿون ۽ پنجون شيڊول ختم ڪيا ويندا. دفعہ 4 ۾ لفظ "ضلعن قلات، خاران ۽ مڪران کانسواءِ" ختم ڪيا ويندا.
1963	III	سنڌ جانورن جي ڪوس تي ضابطو ايڪٽ، 1963	دفعہ 2 جي شق (e) کي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: "(e) 'مقامي اختياري' مطلب سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1974 هيٺ پيپلز لوڪل ڪائونسل يا ڪنٽونمينٽ

			بورڊ:”. دفعہ 12 کي ختم ڪيو ويندو.
1963	IX	سنڌ فنانس ايڪٽ، 1963	دفعہ 1 جو ذيلي دفعہ (3)، دفعہ 2 جون شقون (a) ۽ (c)، دفعات 3، 4، 5، 5_A، 6، 7، 8، 9، 10، 11، 12، 13، 15، 18، 19 ۽ پهريون، ٻيون، ٽيون، چوٿون، پنجون ۽ ڇهون شيڊول ختم ڪيا ويندا. دفعہ 17 کي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: “17. جيڪڏهن ڪو شخص دفعہ 16 تحت ٽيڪس پرڻ جو ذميوار آهي ۽ اهو ٽيڪس پرڻ

			۾ ناڪام ٿئي ٿو تہ، اهو ڏنڊ ڀريندو جيڪو واجب الادا ٽيڪس کان وڌيڪ نہ هوندو". (ڏنڊ) دفعہ 20 کي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: "20. حڪومت ان لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي تہ: (قاعدا) (i)هن ايڪٽ تحت لڳايل مجموعي منافعي تي ٽيڪس جي جمع ڪرڻ ۽ ادائگي جو طريقيڪار، (ii) ڪو ٻيو معاملو اتفاقي پيدا ٿي پئي."۔

1964	II	اسٽيمپ (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1964	دفعات 13 ۽ 14 ۽ شيڊول I ختم ڪيا ويندا.
1964	XIX	سنڌ گروي رکيل زميون ڇڏائڻ ۽ ادائگي بابت ايڪٽ، 1964	دفعہ 24 کي ختم ڪيو ويندو.
1964	XXXIV	سنڌ فنانس ايڪٽ، 1964	دفعہ 2 جون شقون (a) ۽ (d)، دفعات 3، 4، 5، 6، 7، 8، 9، 15، 16، ۽ دفعہ 17 جو ذيلي دفعہ (1) ختم ڪيا ويندا. دفعہ 14 کي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو. "14. جيڪڏهن ڪو شخص جيڪو دفعہ 11 تحت ٽيڪس ڀرڻ جو ذميوار آهي يا دفعات 10، 12 يا 13 تحت ٽيڪس

			جمع ڪرڻ يا ادائگي جو ذميوار آهي ۽ اهو ٽيڪس ڀرڻ يا جمع ڪرڻ يا ٽيڪس ادا ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو جيئن به ڪيس هجي، اهو ڏنڊ جو مستحق هوندو جيڪو واجب الادا ٽيڪس کان وڌيڪ نه هوندو.". (ڏنڊ) دفعه 17 جي ذيلي دفعه (1) جي شق (iii) ۾ لفظ "ٽول" کي لفظ "سيس يا ڊيوٽي" سان متبادل بڻايو ويندو. پهريون، ٻيون، ٽيون ۽ چوٿون شيڊول ختم ڪيا ويندا.

1965	I	سنڌ فنانس ايڪٽ، 1965	دفعہ 1 جو ذيلي دفعہ (3)، دفعات 3، 5، 6، 7، 8، 9، دفعہ 12 جو ذيلي دفعہ (8)، دفعات 13، 16، 17 ۽ پهريون ۽ ٽيون شيڊول ختم ڪيا ويندا. دفعہ 4 ۾: (i)ذيلي دفعہ (11) ۾، لفظن "سنڌ ليند روينيو ڪوڊ، 1879 جا دفعات 203 ڪان 212 تائين يا بمبئي ليند روينيو ڪوڊ 1879، جيئن بہ معاملو هجي" ڪي لفظن "سنڌ ليند روينيو ايڪٽ، 1967 جا دفعات 161 ڪان 167 تائين" سان متبادل

			بڻايو ويندو. (ii) وضاحت ۾: (a) شق (b) ۾ لفظن "سنڌ لينڊ رينيو ڪوڊ، 1879، يا بمبئي لينڊ رينيو ڪوڊ، 1879، يا اولهه پاڪستان ڊٽرمينيشنل آف لينڊ رينيو اينڊ واٽر ريٽ آرڊيننس، 1959 موجب طئي ڪيل، نظرثاني ٿيل يا ٻيهر جوڙيل" کي لفظن "سنڌ لينڊ رينيو ايڪٽ، 1967" سان متبادل بڻايو ويندو. (b) شق (f) ۾ لفظن "سنڌ لينڊ رينيو ڪوڊ، 1879" کي لفظن "سنڌ لينڊ

			روينيو ايڪٽ، 1967" کي متبادل بڻايو ويندو ۽ وڏيڪ لفظن "اهو ڪوڊ" کي لفظن "اهو ايڪٽ" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 14 کي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: "14. ڪو شخص جيڪو دفعہ 12 تحت ٽيڪس ڀرڻ جو ذميوار آهي ۽ ٽيڪس ڀرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو تہ، اهو ڏنڊ جو مستحق هوندو، جيڪو واجب الادا ٽيڪس کان وڌيڪ نہ هوندو.". (ڏنڊ) دفعہ 18 جي ذيلي

			دفعہ (2) جي شق (i) ۾ لفظ "يا ٽول" ختم ڪيا ويندا.
1967	XVII	سنڌ لينڊ رينيو ايڪٽ، 1967	دفعہ 42 ۾ لفظن "يونين ڪميٽي، ٽائون ڪميٽي يا يونين ڪائونسل" کي لفظن "ٽائون ڪميٽي يا ٻي ڪا پيپلز لوڪل ڪائونسل جيئن حڪومت طرفان بيان ڪيو ويو هجي" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 50 ۾: (i) ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظن "18 نومبر 1871 تي يا ان کان اڳ، علائقن ۾ جتي پنجاب لينڊ رينيو ايڪٽ، 1887 (1887 جو

			پنجاب ايڪٽ (XVII) سڌارن سان يا سڌارن ڪانسواءِ هڪ ايڪٽ جي عمل ۾ اچڻ يا مڪمل ٿيڻ کان اڳ لاڳو هيو”. (ii)ذيلي دفعہ (2) ۾ (a)لفظن “18 نومبر، 1871، يا” ختم ڪيا ويندا. (b)لفظ “جيئن بہ ڪيس هجي” ختم ڪيا ويندا، لفظن “ٽائون ڪميٽي يا يونين ڪائونسل” کي لفظن “پيپلز لوڪل ڪائونسل” سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 94 ۾ لفظن “يونين ڪميٽي،

			ٽائون ڪميٽي يا يونين ڪائونسل" کي لفظن "پيپلز لوڪل ڪائونسل" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 137 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظن " ۽ اولھ پاڪستان لينڊ ريفارمس ريگيوليشن 1959 (مارشل لا ريگيوليشن نمبر 64) جي خلاف نہ هجي" ختم ڪيا ويندا. دفعہ 173 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظن "ڪالونائزيشن آف گورنمينٽ لينڊس (پنجاب) ايڪٽ، 1912 (1912 جو پنجاب

			ايڪٽ V)" ڪي لفظن "ڪالونائيزيشن آف گورنمينٽ ايڪٽ، 1912" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 175 جي ذيلي دفعہ (1) هيٺان وضاحت ۾، لفظن "پنجاب ليند روينيو ايڪٽ، 1877 جي دفعہ 33 جي گنجائشن مطابق تحت، يا هن ايڪٽ مطابق مسوخ ڪيل ڪنهن ٻئي قانون جون گنجائشون تحت" ختم ڪيون ويندیون. دفعہ 184 ۽ شيڊول ختم ڪيا ويندا.

		آرڊيننسز	
1958	XX	سنڌ ويگرنسي آرڊيننس، 1958	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو. دفعہ 26 کي ختم ڪيو ويندو.
1958	XXVII	سنڌ ويڪسينيشن آرڊيننس، 1958	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو. دفعہ 9_A کي ختم ڪيو ويندو. دفعہ 16 کي ختم ڪيو ويندو.
1959	I	سنڌ ليند ڊسپوزيشنس (سيونگ آف شاملات) آرڊيننس، 1959	تمهيد ۽ دفعہ 4 کي ختم ڪيو ويندو.
1959	IV	سنڌ ايڪٽس (خيرپور ضلعي ۾ واڌارو) آرڊيننس، 1959	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو. دفعات 3 ۽ 4 ۽ ٻيو شيڊول ختم ڪيا ويندا. پهرين شيڊول ۾ داخلائون 2، 5، 6 ۽

			7 ختم ڪيون ويندیون.
1959	VI	سنڌ شهري مسواڙ تي پابنديون آرڊيننس، 1959	تمهيد ۾ دفعات 21 ۽ 22 ختم ڪيا ويندا. دفعہ 1 جي ذيلي دفعہ (4) ۾ لفظن "اولهہ پاڪستان شهري مسواڙ تي پابنديون ايڪٽ، 1957 جي ختم ٿيڻ جي تاريخ" کي لفظن "25 جنوري 1958" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 2 ۾، (i)شق (i) ۾ لفظن "ميونسپل، ٽائون يا ڄاڻايل علائقائي ڪميٽي، يا لاهور شهر جي ڪارپوريشن طرفان، يا لاهور

			امپرووميٽ ٽرسٽ طرفان يا ڪنهن ٻئي طرفان" کي لفظن ، ميونسپل يا ٽائون ڪميٽي، يا طرفان" سان متبادل بڻايو ويندو، ۽ (ii)شق (j) ۾، لفظن "ميونسپل ڪميٽي، ٽائون ڪميٽي يا ڄاڻايل علائقائي ڪميٽي" کي لفظن "ميونسپل ڪميٽي يا ٽائون ڪميٽي" سان متبادل بڻايو ويندو.
1959	XI	سنڌ زرعي زمين تي هندو عورت جا حق آرڊيننس، 1959	تمهيد ۽ دفعہ 4 جو ذيلي دفعہ (1) ختم ڪيو ويندو.
1959	XII	سنڌ جوينائيل سموڪنگ	تمهيد ۽ دفعہ 5 کي ختم ڪيو ويندو.

		آرڊيننس، 1959	
1959	XVIII	سنڌ يونيورسٽي لونس آرڊيننس، 1959	تمهيد، دفعه 6 ۽ شيڊول کي ختم ڪيو ويندو.
1959	XXII	سنڌ ناپسنديده ڪمپنيز آرڊيننس، 1959	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو.
1959	XXV	پوليس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1959	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو.
1959	XXVIII	سنڌ زرعي دوائون آرڊيننس، 1959	تمهيد ۽ دفعه 16 کي ختم ڪيو ويندو.
1959	XXXII	سنڌ هاءِ ويز آرڊيننس، 1959	تمهيد ۽ دفعه 30 کي ختم ڪيو ويندو.
1959	XXXIII	سينيماٽوگراف (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1959	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو.
1959	XXXIV	سنڌ زمينن جي سروي ۽ ماپ آرڊيننس، 1959	تمهيد، دفعه 9 ۽ شيڊول کي ختم ڪيو ويندو.
1959	XLVI	اسٽيمپ (سنڌ	تمهيد، دفعه 9 ۽

		ترميم) آرڊيننس، 1959	شيڊول کي ختم ڪيو ويندو.
1959	LVIII	سنڌ چانور (پوکي تي پابندي) آرڊيننس، 1959	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو.
1960	IV	سينيما گهرن ۾ تماڪ نوشي تي پابندي سنڌ آرڊيننس، 1960	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو.
1960	V	سنڌ تاريخي مسجدون ۽ مقبرا فنڊ محصول آرڊيننس، 1960	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو.
1960	VI	سنڌ ڪنسوليڊيشن آف هولڊنگس آرڊيننس، 1960	تمهيد ۽ دفعه 30 کي ختم ڪيو ويندو.
1960	VII	سنڌ شفاف ڪاڏو آرڊيننس، 1960	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو. دفعه 2 ۾: (a)شق (8) ۾ لفظن "هڪ ريجن جو" کي ختم ڪيو

			ويندو. (b)شق (15) کي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو. "(15) ‘مقامي اختياري’ مطلب هڪ پيپلز لوڪل ڪائونسل جيڪا سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 (1972 جي سنڌ آرڊيننس II) تحت هوندي يا هڪ اختياري جيڪا حڪومت طرفان سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن آرڊيننس جا مقصد ماڻڻ لاءِ مقامي اختياري مقرر ڪئي

			ويندي.”
1960	XI	سنڌ سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارا آرڊيننس، 1960	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو.
1960	XIV	سنڌ سرڪاري ملازمن لاءِ بينوويلنٽ فنڊ آرڊيننس، 1960	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو.
1960	XV	سنڌ رليف يا امداد آرڊيننس، 1960	تمهيد، دفعہ 14 ۽ شيڊول کي ختم ڪيو ويندو.
1960	XXIV	سنڌ مني لينڊرس آرڊيننس، 1960	تمهيد، دفعہ 30 ۽ شيڊول کي ختم ڪيو ويندو.
1960	XXXI	سنڌ مينٽيننس آف پبلڪ آرڊر آرڊيننس، 1960	تمهيد ۽ دفعہ 28 کي ختم ڪيو ويندو. دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (1) جي هيٺان وضاحت 1 کي هن ريت متبادل بڻايو ويندو:

			"وضاحت 1: هن دفعہ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ: (i)'بليڪ مارڪيٽ ۾ ڊيلنگ" يا 'هوردنگ' جيئن هوردنگ ۽ بليڪ مارڪيٽ آرڊر (P.O. 1956 No.XIV of 1956) ۾ ڄاڻايل آهي، يا (ii)اسمگلنگ جوڏوهہ ڪسٽمس ايڪٽ، 1969 (IV of 1969) تحت سزا جوڳو آهي، يا وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون هيٺ، ان کي پبلڪ آرڊر سان تعصب

			كانسواءِ هڪ ايڪٽ سمجهيو ويندو.". دفعہ 17 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظن "سامونڊي ڪسٽمس ايڪٽ، 1878" کي لفظن "ڪسٽمس ايڪٽ، 1969 (IV of 1969)" سان متبادل بڻايو ويندو.
1960	XXXII	سنڌ ضلعا (ٻيهر جوڙجڪ) آرڊيننس، 1960	تمهيد ۽ دفعہ 5 کي ختم ڪيو ويندو.
1961	I	سنڌ جوا کان بچاءَ جو آرڊيننس، 1961	تمهيد ۽ دفعہ 12 کي ختم ڪيو ويندو.
1961	II	سنڌ سپريشن آف پراسٽيٽيوشن آرڊيننس، 1961	تمهيد ۽ دفعہ 17 کي ختم ڪيو ويندو.
1961	XX	سنڌ اينٽي	تمهيد ۽ دفعہ 7 کي

		ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ آرڊيننس، 1961	ختم ڪيو ويندو
1961	XXVIII	سنڌ وقف ملڪيتون آرڊيننس، 1961	تمهيد ۽ دفعه 22 کي ختم ڪيو ويندو.
1961	XXX	سنڌ فشريز آرڊيننس، 1961	تمهيد ۽ دفعه 27 کي ختم ڪيو ويندو. دفعه 12 ۾ لفظن "لمبردار، ڳوٺ جو چوڪيدار، ڪئنال پٽواري، پي ڊبليو ڊي داروغو، ضلعدار، روينيو پٽواري، تپيدار، سپروائيزنگ تپيدار ۽ قانونگو" کي لفظن "پي ڊبليو ڊي داروغو، ضلعدار، تپيدار ۽ سپر وائيزنگ تپيدار" سان

			متبادل بڻايو ويندو.
1962	II	سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو دفعہ 1 جي ذيلي دفعہ (3) کي هيٺين ريت بدلايو ويندو: "(3) اهو فوري طور لاڳو ٿيندو." دفعہ 24 ۾، (i)ذيلي دفعہ (2) (B) ۾، لفظن "اولهہ پاڪستان سول ڪورٽس (ترميم) ايڪٽ، 1963 جو لاڳو ٿيڻ" کي لفظن "19 جولاءِ 1963" سان متبادل بڻايو ويندو. (ii)ذيلي دفعہ (3) جي شق (b) جي ذيلي شق (v) ۾، لفظن "ڪورٽس آف واردس سان

			لاڳاپيل ڪو به اولهه پاڪستان جو قانون" کي لفظن "سنڌ ڪورٽ آف واردس ايڪٽ، 1905" سان متبادل بڻايو ويندو.
1962	IX	سوسائٽيز رجسٽريشن (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1962	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو.
1962	XI	سنڌ رجسٽريشن آف ان ريڪگنائيزڊ انسٽيٽيوشنز آرڊيننس، 1962	تمهيد ۽ دفعه 11 کي ختم ڪيو ويندو.
1962	XX	سنڌ (يونيورسٽيز) ناپسنديده سرڪاري ملازمن جي برطرفي آرڊيننس، 1962	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو.
1962	XXII	سنڌ حڪومت رهتن جي اوڳاڙي	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو.

		آرڊيننس، 1962	
1962	XXIX	سنڌ پرائمري تعليم آرڊيننس، 1962	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو. دفعہ 2 ۾، (a)ذيلي دفعہ (1) ۾، (i)شق (c) ۽ (f) ۾، لفظن "بنيادي جمهوريتن جو آرڊر، 1959 (P.O No.18 of 1959)" کي لفظن "سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 (1972 جو سنڌ آرڊيننس II)" سان متبادل بڻايو ويندو. (ii)شق (g) کي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: "(g) 'لوڪل ڪائونسل' مطلب هڪ ڊسٽرڪٽ

			ڪائونسل يا ٽائون ڪميٽي، جيئن معاملو هجي، جيڪا سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 (1972 جو سنڌ آرڊيننس II) تحت جوڙي وئي هجي.”؛ (b)ذيلي دفعہ (2) کي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: “(2) ڪو اظهار جيڪو هن آرڊيننس ۾ سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڈيننس، 1972 (1972 جو سنڌ آرڈيننس II) سان حوالي طور ڏنو ويو هوندو، ان کي ڄاڻايل آرڈيننس

			موجب مفهوم هوندو.”. دفعہ 19 جي ذيلي دفعہ (1) کي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو. “(1) چانوڻي، ميونسپلٽي يا ٽائون، ڪنٽونمينٽ بورڊ، پيپلز ميونسپل ڪميٽي يا پيپلز ٽائون ڪميٽي، جيئن معاملو هجي، انهن ۾ هن آرڊيننس جا مقصد پورا ڪرڻ لاءِ هڪ اسڪول اٿينڊنس اٿارٽي هوندي.”. دفعہ 24 کي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

			نئين اسڪول جي عمارت ۽ سامان جي گنائش “24 (1) ميونسپلٽي ۾، پيپلز ميونسپل ڪميٽي ۾ ۽ ٽائون ڪميٽي ۾، پيپلز ٽائون ڪميٽي ۾، جيترو ممڪن ٿي سگهندو نئين اسڪول جي جڳهه ۽ گهربل سامان جي گنجائش پيدا ڪئي ويندي، جنهن جو معيار ۽ نمونو اهو هوندو، جيڪو سرڪار وقت بوقت نشاندهي ڪندي رهندي. (2) ڪنهن ميونسپلٽي، يا

			ڪنهن شهر جي پرائمري اسڪول جي عمارت، جيترو ممڪن ٿي سگهندو، اها پيپلز ميونسپل ڪميٽي يا ٽائون ڪميٽي، ڪي ڊسٽرڪٽ پرائمري ايجوڪيشن ڪميٽيءَ جي اطمينان مطابق بحال ڪئي ويندي.
1963	IV	سنڌ انڊسٽريز (قيام ۽ وڌاءَ تي ضابطو) آرڊيننس، 1963	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو.
1963	XXXVIII	سنڌ ملڪ بورڊس آرڊيننس، 1963	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو. دفعہ 24 جي ذيلي دفعہ (2) جي شق (c) ۾، لفظن

			“بنيادي جمهوريتن جو آرڊر، 1959 (P.O 18 of 1959) مطابق لوڪل ڪائونسلس” ڪي لفظن “سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 (1972 جو سنڌ آرڊيننس II) هيٺ پيپلز لوڪل ڪائونسلس” سان متبادل بڻايو ويندو.
1964	III	سنڌ غلام محمد بئراج سڌارو ٽيڪس آرڊيننس، 1964	تمهيد ڪي ختم ڪيو ويندو. دفعہ 2 جي شق (f) ڪي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: “(f) ‘مالڪ’ مطلب زمين جو مالڪ جيئن سنڌ ليند روينيو ايڪٽ،

			1967 ۾ بيان ڪيو ويو آهي"؛
1965	I	زمين جي طلبي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1965	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو.
1965	II	لائوڊ اسپيڪرز ۽ سائونڊ ايمپليفائرس جو سنڌ ريگيوليشن ۽ ڪنٽرول آرڊيننس، 1965	تمهيد ۽ دفعہ 8 کي ختم ڪيو ويندو.
1965	VIII	روڊ ٽرانسپورٽ ڪارپوريشن (سنڌ) ناپسنديده ملازمن جي برطرفي آرڊيننس، 1965	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو.
1965	XIII	سنڌ ٻج ۽ ميوا ڏيندڙ ٻوٽن بابت آرڊيننس، 1965	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو.
1965	XXVIII	سنڌ قومي رضاڪار آرڊيننس، 1965	تمهيد ۽ دفعہ 13 کي ختم ڪيو ويندو.
1965	XXXIII	سنڌ وزن ۽ ماپا	تمهيد کي ختم

		آرڊيننس، 1965	ڪيو ويندو.
1966	XIV	سنڌ ڪو آپريٽو سوسائٽيز ۽ ڪو آپريٽو بئنڪس (قرضن جي ڀيهر ادائگي) آرڊيننس، 1966	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو. دفعہ 2 جي شق (a) ۾، آرٽيڪل "The" ۽ "ڪو آپريٽو" وچ ۾ لفظ "سنڌ" کي وڌو ويندو.
1966	XX	سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس، 1966	تمهيد ۽ دفعہ 31 کي ختم ڪيو ويندو.
1968	XIV	زمين جي طلبي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1968	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو.
1969	I	سنڌ سرڪاري ملازمن جي ڀلائي جو فنڊ آرڊيننس، 1969	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو.
1969	II	سنڌ ٽربيونلس آف انڪوائري آرڊيننس، 1969	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو.
1969	VII	سنڌ فنانس	تمهيد، دفعات 2، 3،

		آرڊيننس، 1969	4، 5، 6، 9، 10، 11، 12 ۽ 13 ۽ پهرين ۽ ٻئي شيڊول کي ختم ڪيو ويندو.
1969	XXXV	سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت (اگهن جي فهرست ۽ ٽيڪس جي توثيق) آرڊيننس، 1969	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو.
1969	XLI	سنڌ پروي پرسز (چارجڊ ايڪسپينڊيچر) آرڊيننس، 1969	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو.
1969	XLIX	زمين جي طلبي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1969	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو.
1970	XIII	سنڌ اسٽيج ڪيريجز جي طلبي (عارضي اختيار) آرڊيننس، 1970	تمهيد کي ختم ڪيو ويندو.
1970	XV	سنڌ لوڪل	تمهيد کي ختم

		کائونسلس هاءِ اسڪولس (تحويل ۾ وٺڻ) آرڊيننس، 1970	ڪيو ويندو. دفعہ 2 ۾: (a)ذيلي دفعہ (1) ۾: (i)شق (b) کي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: "(b) 'ڊسٽرڪٽ ڪائونسل' مطلب سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 (1972 جو آرڊيننس II) مطابق پيپلز ڊسٽرڪٽ ڪائونسل؛"؛ (ii)شق (g) کي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: "(g) 'لوڪل ڪائونسل' مطلب سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ

			آرڊيننس، 1972 (1972 جو آرڊيننس II) مطابق پيپلز ڊسٽرڪٽ ڪائونسل يا پيپلز ٽائون ڪميٽي؛" ؛ (iii)شق (h) ۾، لفظن "بنيادي جمهوريتن جو آرڊر، 1959 جي دفعہ 59 هيٺ لڳايل لوڪل ريٽ" کي لفظن "سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 (1972 جو سنڌ آرڊيننس II) جي دفعہ 70 مطابق لڳايل لوڪل سيس" سان متبادل بڻايو ويندو.

			(iv)شق (I) کي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: "(I) ‘ٽائون ڪميٽي’ مطلب سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 (1972 جو سنڌ آرڊيننس II) هيٺ پيپلز ٽائون ڪميٽي؛"؛ (b)ذيلي دفعہ (2) ۾، لفظن "بنيادي جمهوريتن جو آرڊر، 1959، يا ميونسپل ايڊمنسٽريشن آرڊيننس، 1960" کي لفظن "سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972

			(1972 جو سنڌ آرڊيننس II)" سان متبادل بڻايو ويندو.
		حصو IV – اولهه پاڪستان ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ پنجاب قانون	
1900	II	زمين کي محفوظ بڻائڻ جو ايڪٽ، 1900	دفعه 7_A جي ذيلي دفعه (12) ۾ لفظن "پنجاب لينڊ روينيو ايڪٽ، 1887" جي لفظن کي لفظن "سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعه 18 ۾ لفظن "پنجاب لينڊ روينيو ايڪٽ، 1887 جا دفعات 13، 14، 15 ۽ 16، يا سنڌ لينڊ روينيو

			ڪوڊ، 1879 جون ملندڙ گنجائشون پرووِيزنس، يا لينڊ روينيو سان لاڳاپيل ڪو ٻيو قانون، جيئن بہ معاملو هجي" کي لفظن "سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 جا دفعات 161، 162، 163 ۽ 164" سان متبادل بڻايو ويندو.
1912	V	سرڪاري زمينن جي ڪالونائيزيشن ايڪٽ، 1912	دفعہ 2 کي ختم ڪيو ويندو. دفعہ 3 ۾، "ڪالوني" جي وصف کي ختم ڪيو ويندو ۽ جيستائين صوبائي حڪومت ٻي صورت ۾ ڪا ايراضي هدايت ڪري ٿي، جنهن

			تي گورنمينٽ ٽيننٽس (پنجاب) ايڪٽ، 1893، لاڳو ٿيو آهي". دفعہ 4 ۾ پرووِيزو کي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: "4. صوبائي حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ڪنهن بہ زمين تي لاڳو ڪري سگهي ٿي، جيڪا صوبائي حڪومت جي ملڪيت هجي". دفعہ 6 ۾، لفظن "پنجاب ٽيننسي ايڪٽ، 1887، يا اولهہ پاڪستان جي ڪهن حصي ۾ وقتي طور ٽيننسي

			لاءِ لاڳو ڪو ٻيو قانون" کي لفظن "وقتي طور ٽيننسي لاءِ لاڳو ڪو قانون" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 7 ۾: (i)ذيلي دفعہ (1) ۾: (i)لفظن "اولھہ پاڪستان لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967، پنجاب ٽيننسي ايڪٽ، 1887 جو باب VII" کي لفظن "سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967" سان متبادل بڻايو ويندو. (ii)پرووِيزو ۾، لفظن "اولھہ پاڪستان لينڊ روينيو ايڪٽ،

			1967ء پنجاب ٹيننسي ايڪٽ، 1887ء يا اولهه پاڪستان ۾ وقتي طور ٹيننسي لاءِ لاڳو ڪو ٻيو قانون" کي لفظن "سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967ء يا وقتي طور ٹيننسي لاءِ لاڳو ڪو قانون" سان متبادل بڻايو ويندو. (b) ذيلي دفعه (2) ۾، لفظن "پنجاب ٹيننسي ايڪٽ، 1887ء يا" کي ختم ڪيو ويندو ۽ وڌيڪ "ٻيو" کي به ختم ڪيو ويندو. دفعه 11 ۾: (a) لفظن "گورنمينٽ

			ٹيننٽس (پنجاب) ايڪٽ، 1893 هيٺ، يا" کي ختم ڪيو ويندو. (b)لفظ "تاج" کي لفظ "حڪومت" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعات 13 ۽ 14 کي ختم ڪيو ويندو. دفعہ 19 ۾، لفظن "گورنمينٽ ٽيننٽس (پنجاب) ايڪٽ، 1893، يا" کي ختم ڪيو ويندو. دفعہ 19_A ۾، لفظن "سرڪاري زمينن جي ڪالونائيزيشن (پنجاب) ترميم ايڪٽ، 1951"

			کي لفظن "هي ايڪٽ" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 27 ۾ ذيلي دفعہ (1) جي شق (a) کي ختم ڪيو ويندو. دفعہ 28 ۾ لفظن "گورنمينٽ ٽيننٽس (پنجاب) ايڪٽ، 1893 جي پوئيواريءَ ۾ يا" کي ختم ڪيو ويندو. دفعہ 30 کي ختم ڪيو ويندو. دفعہ 30_A جي ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظن "سرڪاري زمينن جي ڪالونائيزيشن (پنجاب) (ترميم) ايڪٽ، 1944

			جي لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ" کي ختم ڪيو ويندو. دفعہ 38 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظن "ڪنهن منجهہ بہ يا جنهن تي گورنمينٽ ٽيننٽس (پنجاب) ايڪٽ، 1893 لاڳو ٿيو آهي يا جنهن تي هن ڪانپوءِ ايڪٽ لاڳو ٿيندو" کي ختم ڪيو ويندو. شيڊول I ۽ II ختم ڪيا ويندا.
1939	V	زرعي پيداوار مارڪيٽس ايڪٽ، 1939	دفعہ 2 جي شق (c) ۾ لفظن "ڪوآپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1912" کي لفظن "سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ،

			1925" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 27 جي ذيلي دفعہ (2) ۾: (a)شق (xxviii) ۾، لفظن "ضلعي بورڊ" کي لفظن "پيپلز ڊسٽرڪٽ ڪائونسل" سان متبادل بڻايو ويندو. (b)شق (xxx) ۾، لفظن "پنجاب جنرل ڪلاسز ايڪٽ جو دفعہ 21" کي لفظن "سنڌ جنرل ڪلاسز ايڪٽ، 1956 جو دفعہ 22" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 33 ختم ڪيو ويندو.
1950	XXXII	يونيورسٽيز ۽ ثانوي	تمهيد کي ختم

		۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بوردن ۾ بدعنوانيون ايڪٽ، 1950	ڪيو ويندو.
1952	XXI	سوائل ريڪليميشن ايڪٽ، 1952	دفعہ 2 ۾: (a)شق (ii) ۾، لفظن "ڪئنال ۽ ڊرينيج ايڪٽ، 1873 (1873 جو VII)، يا سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879 (1879 جو سنڌ VII)، جيئن علائقي ۾ لاڳو ڪرڻ لائق هجي" کي لفظن "سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879 (1879 جو سنڌ VII)" سان متبادل بڻايو ويندو. (b)شق (iii) ۾، لفظن "ڪئنال ۽ ڊرينيج ايڪٽ،

			1873 (1873 جو VII)، يا سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879 (1879 جو سنڌ ايڪٽ VII)، جيئن علائقي ۾ لاڳو ڪرڻ لائق هجي" کي لفظن "سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879 (1879 جو سنڌ VII)" سان متبادل بڻايو ويندو. دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (1) ۾: (i)شق (b) ۾، لفظن "بنيادي جمهوريتن" کي ختم ڪيو ويندو. (ii)شق (d) کي ختم ڪيو ويندو. دفعہ 17 جي شق (xx) ۾، لفظن

			"ڪنئال ۽ ڊرينيج ايڪٽ، VII آف 1873" ڪي لفظن "سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879 (1879 جو سنڌ VII)" سان متبادل بڻايو ويندو. شيڊول جي پيراگراف 1 جي ذيلي پيراگراف (ii)، جي شق (j) ۾، لفظن "لينڊ روينيو ايڪٽ، 1887 جو دفعہ (9)3" ڪي لفظن "سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 جو دفعہ (20)4" سان متبادل بڻايو ويندو.
	حصو V – اولهہ پاڪستان ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ		

		N.W.F.P ايڪٽ	
1952	XXII	شگر فيڪٽريز ڪنٽرول ايڪٽ، 1950	دفعہ 6 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظن "پنجاب لينڊ روينيو ايڪٽ، 1887 ۽ پنجاب ٽيننسي ايڪٽ، 1887 يا صوبي جي ڪنهن بہ حصي ۾ لاڳو لينڊ روينيو ۽ ٽيننسي سان لاڳاپيل ڪو ٻيو قانون" کي لفظن "صوبي ۾ وقتي طور لينڊ روينيو ۽ ٽيننسي سان لاڳاپيل ڪو قانون" سان متبادل بڻايو ويندو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.